صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ١١ جون ٢٠١٤

ٻالپڻي جي شادين کي روڪڻ وارو سنڌ بل ٢٠١٣،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ٢٨ اپريل ٢٠١٤ تي پاس ڪيوويو ۽ گورنر سنڌ ١٠ جون ٢٠١٤ تي منظوري ڏني،جنهن کي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# ٻالپڻي جي شادين کي روڪڻ وارو سنڌ ايڪٽ، ٢٠١٣

## سنڌ ايڪٽ نمبر XV، مجريه ٢٠١٤

ايڪٽ، جنهن ذريعي ٻالپڻي جي شادين وارين رسم ادائي کي روڪي سگهبو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ٻالپڻي جي شادين واري رسم ادائي کي روڪڻ مهلائتو آهي.

ان ڪري، اهو هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي ٻاراڻين شادين کي روڪڻ وارو سنڌ ايڪٽ، ٢٠١٣ چيو ويندو.

(2) اهو ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ جي نفس مضمون يا تناظر جي برعڪس نه آهي ته پوءِ:

(الف) "ٻار" (Child) جو مطلب ڇوڪرو يا ڇوڪري جنهن جي ڄمار ارڙهن سالن کان گهٽ هجي.

(ب) ”ٻاراٽي شادي“ (Child Marriage) جو مطلب آهي اها شادي جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار مان ڪو به ٻار هجي.

(ت) ”ڪوڊ“ (Code) جو مطلب آهي
Code Criminal Procedure 1898, (No.V of 1898.)

(ث) ”لائون لهندڙ ڌر“ (Contracting Party)
اها ڪا به ڌر جنهن جي شادي آهي، يا شادي جي رسم ادا ٿيڻ واري آهي.

(ث) ”ڪورٽ“ (Court) جو مطلب آهي فرسٽ ڪلاس جڊيشل ماجسٽريٽ.

(ج) ”گورنمينٽ“ (Government) جو مطلب آهي سنڌ سرڪار.

Punishment for male Contracting Party.

لائون لهندڙ گهوٽ لاءِ سزا.
Punishment for male contracting party.

3. ارڙهن سالن جي ڄمار کان وڏو ڪو به جڏهن ٻار سان شادي ڪندو ته ان کي سخت پورهئي واري سزا ملندي، جيڪا ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي ٿي. پر اها ٻن سالن کان گهٽ نه هوندي ۽ هن تي ڏنڊ پڻ وجهي سگهجي ٿو.

ٻاراٽي شادي جي رسم ادائي ڪندڙ لاءِ سزا.
Punishment for solemnizing a child marriage.

4. جيڪو به ٻاراٽي شادي ڪندو، شادي ڪرائيندو، اهڙيون هدايتون ڏيندو يا مدد ڏيندو ته ان کي جيل جي سخت سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن سالن تائين وڌائي سگهبي پر ٻن سالن کان گهٽ نه هوندي ۽ هن تي ڏنڊ به مڙهي سگهجي ٿو جيستائين هو اهو ثابت ڪري ته هن وٽ اهو مڃڻ لاءِ سبب هئو ته اها شادي ٻاراٽي شادي نه هئي.

5. (1) جڏهن والدين، سنڀاليندڙ يا ڪو ٻيو ماڻهو ڪنهن به حيثيت ۾، قانوني يا غير قانوني طرح، اهڙو قدم کڻي ٿو، جيڪو ٻاراڻي شاديءَ کي هٿي ڏئي ٿو، يا لاڳو لهڻ شاديءَ جي اجازت ڏئي ٿو، يا ان کي روڪڻ ۾ ڪوتاهي واري ناڪامي ڪري ٿو، ان کي جيل جي سخت سزا ڏني ويندي جنهن کي ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي پر اها ٻن سالن کان گهٽ نه هوندي ۽ هن تي ڏنڊ به مڙهي سگهجي ٿو.

ٻاراڻي شاديءَ ۾ ملوث والدين يا سنڀاليندڙ لاءِ سزا.
Punishment for parent or guardian concerned in a child marriage.

(2) ايڪٽ جي هن دفعه جي مقصد لاءِ، اهو سمجهيو ويندو ته جيستائين انهيءَ جي برعڪس اهو ثابت نه ٿو ڪيو وڃي، ته ڪنهن ٻار جي شادي ڪرائي وئي آهي ۽ ٻار جو وڏو شاديءَ جي رسم روڪڻ ۾ ناڪام ويو آهي.

6. جيڪڏهن ڪوڊ جي دفعه نمبر 190 جي ابتڙ ناهي ته پوءِ ٻي ڪورٽ نه پر فرسٽ ڪلاس جڊيشل ماجسٽريٽ جي ڪورٽ جو اختيار هوندو ته هن ايڪٽ هيٺ ڪنهن ڏوهه جو ڪيس هلائي سگهندي.

هن ايڪٽ مطابق اختيار جو دائرو
Jurisdiction under this Act.

7. (1) ڪنهن قانون جي ابتڙ نه آهي ته پوءِ ڏنل درخواست جي آڌار تي معلومات کان مطمئن ٿيندي ته هن ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ۾ ڪنهن ٻار جي شادي ٿي رهي آهي، يا ٿيڻ واري آهي، ته پوءِ ڪورٽ شاديءَ کان جهلڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

هن ايڪٽ جي ڀڃڪڙي واري صورت ۾ شاديءَ کان روڪڻ جي حڪم ڏيڻ جو اختيار.
Power to issue injunction prohibiting marriage in contravention of this Act.

(2) ذيلي دفعه (1) هيٺ ڪنهن ماڻهوءَ خلاف شادي روڪڻ وارو حڪم ڏئي نه ٿو سگهجي، جيستائين ڪورٽ هن کي اڳ ۾ نوٽيس نه ڏنو آهي ۽ هن کي منع نامي واري حڪم نامي خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو آهي. ڪورٽ ضروري سمجهي ته نوٽيس کي نظرانداز ڪري سگهي ٿي.

(3) ڪورٽ پاڻمرادو يا ڪنهن ماڻهوءَ جي درخواست تي ذيلي دفعه (1) هيٺ پنهنجا حڪم منسوخ ڪري سگهي ٿي يا ان ۾ ڦير گهير به آڻي سگهي ٿي.

(4) جڏهن ڪا درخواست ملي ٿي، ته ڪورٽ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت حاضر ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪندي. جيڪڏهن ڪورٽ جزوي طور تي يا مڪمل طور تي اها درخواست رد ڪندي ته ان جا ڪارڻ لکت ۾ رڪارڊ تي رکندي.

(5) ڪو به، جيڪو اهو ڄاڻي ته ذيلي دفعه (1) هيٺ شاديءَ کان جهلڻ وارو حڪم نامو ڪڍيو ويو آهي، پوءِ به اهڙي منع نامي کي نه ٿو مڃي ته هن کي ڪنهن مقرر وقت لاءِ جيل سزا ڏئي سگهبي، جنهن کي هڪ سال تائين وڌائي سگهجي ٿو، يا هن تي ڏنڊ مڙهي سگهجي ٿو، ڏنڊ ۽ جيل جون ٻئي سزائون ڏئي سگهجن ٿيون.

سزا لائق ۽ ڪيس هلائڻ لائق ڏاڍائي.
Offence to be punishable and triable.

8. ڪوڊ جي برعڪس نه هجي ته پوءِ هن ايڪٽ مطابق سزا جوڳو ڏوهه عدالتي اختيار ۾ ايندو، اهو ناقابل ضمانت ۽ non compoundable هوندو.

عدالتي اختيار، مقدمو ۽ ڪيس جي پڄاڻي.
Cognizance, trial and conclusion of the case.

9. ڪورٽ پنهنجو عدالتي اختيار ڪم آڻيندي نوي ڏينهن اندر ڪيس هلائي ختم ڪندي.

قاعدا
Rules.

10. هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ، حڪومت قاعدا جوڙي سگهندي، جن کي سرڪاري گزيٽ ذريعي پڌرو ڪيو ويندو.

**ضمانت**
**.Indemnity**

11. نيڪ نيتيءَ سان ۽ چڱي مقصد خاطر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ هن ايڪٽ مطابق قدم کنيو آهي ته ان تي ڪو به ڪيس ڪري نه ٿو سگهجي، هن خلاف استغاثي جي ڪارروائي نه ٿيندي ۽ هن تي قانوني ڪارروائي نه ڪري سگهبي.

**تڪليف جو خاتمو**
**.Removal of difficulty**

12. هن ايڪٽ جي ڪنهن به شق کي لاڳو ڪرڻ دوران جيڪڏهن ڪا به ڏکيائي درپيش اچي ته جيڪڏهن ضروري ڄاڻي ۽ اهو هن ايڪٽ جي تضاد ۾ نه هجي ته حڪومت اهڙو حڪم ختم ڪري سگهي ٿي ته جيئن اها ڏکيائي ختم ٿي سگهي.

**منسوخي ۽ بچاءَ**
**.Repeal and saving**

13. (1) هن ايڪٽ سان ٻاراڻي شاديءَ روڪڻ واري ايڪٽ ١٩٢٩ (The Child Marriage Restraint Act, 1929) جون شقون منسوخ ٿي ويون.

(2) ٻاراڻي شاديءَ روڪڻ واري ايڪٽ مجريه ١٩٢٩ جي منسوخي، ان کان اڳ ڪيل حڪم، ورتل فيصلا، ڪورٽ جي فتويٰ کي صحيح ۽ مناسب ڄاتو ويندو.

بحڪم اسپيڪر
صوبائي اسيمبلي سنڌ-

جي-ايم-عمر فاروق
سيڪريٽري صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.